
هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنّتن ڀريو بيان

08-September-2016







## قرباني جا فضائل ۽ مسائل

(SINDHI)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# قرباني جا فضائل ۽ مسائل

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه          وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه          وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي:جيڪو مون تي دُرودِ پاڪ پڙهندو آهي ان جو دُرُود مون وٽ پهچي ويندو آهي، مان ان جي لاءِ اِستِغفار ڪندو آهيان ۽ هن جي عِلاوه ان جي لاءِ 10 نيڪيون لکيون وينديون آهن. (معجم اوسط،من اسمہ احمد ،۴۴٦/۱،رقم:۱٦۴۲)

گرچہ ہیں بے حد قُصُور تم ہو عَفُوّ و غَفُور

بخش دو جُرم و خَطا تم پہ کروڑوں دُرود

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!          صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري ونون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوْاالله, تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## خواب سچو ڪري ڏيکاريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ذُوالحِجَّةالحَرام اهو مُبارَڪ مهينو آهي جو جنهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري خليل حضرتِ سَيدُنا اِبراهيم عَلٰي نَبِيِّنَاوَعَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام پنهنجي صاحبزادي حضرتِ سَيدُنا اِسمٰعِيل ذَبِيحُ الله عَلٰي نَبِيِّنَاوَعَلَيه الصَّلٰوة وَالسَّلَام سان گڏ



www.dawateislami.net

ملي صَبر ۽ رِضا جو اهڙو عظيم مثال پيش ڪيو جنهن جو مثال نٿو ملي. حضرتِ سَيدُنا اِبراهيمعَلٰي نَبِيِّنَاوَعَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ذُوالحَج جي انين (8) رات خواب ڏٺائون جنهن ۾ ڪو چوڻ وارو چئي رهيو آهي: ''بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي پنهنجي پٽ کي ذَبح ڪرڻ جو حُڪم ڏئي ٿو.'' نائين(9) رات وري ساڳيو خواب ڏٺائون، ڏهين (10) رات وري ساڳيو خواب ڏسڻ کان پوءِ پاڻ عَلَيهِ السَّلَام صُبح جو ان خواب تي عمل ڪرڻ يعني پٽ جي قُرباني جو پَڪو اِرادو ڪري ورتو. (تفسيرِ ڪبير، ۳۴۶/۹،از بيٽا هو تو ايسا،ص۲۔۳، ملتقطاً)

جڏهن حضرتِ سَيدُنا اِبراهيم خَلِيلُ الله عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام اهو سچو واقعو پنهنجي نندي پٽ حضرت اِسمٰعِيل عَلَيهِ السَّلَام کي ٻڌايائون ته الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمان آهي ته آئون تو کي ذَبح ڪيان، هاڻي توهان ٻڌايو ته توهان جو رايو ڇا آهي. حضرتِ سَيدُنا اِسمٰعِيلعَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پاڻ به الله عَزَّوَجَلَّ جي هر حڪم تي سَرِ تسليم خَم ڪرڻ وارا هئا، پاڻ عَلَيهِ السَّلَام جيڪو جواب ڏنو ان کي قرآنِ پاڪ سيپار 23 سُورَة الصّٰفّٰت جي آيت نمبر 102 ۾ هنن لفظن سان بيان ڪيو آهي :

يٰۤاَبَتِ افۡعَلۡ مَا تُؤۡمَرُ ۫ سَتَجِدُنِیۡۤ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِیۡنَ ﴿۱۰۲﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** اي منهنجا پيءُ ڪر جنهن ڳالھ جو توکي حڪم ٿئي ٿو، ان شاءَ الله عنقريب تون مون کي صبر وارو لهندين.

(سيپارو 23، سوره الصّٰفّٰت آيت 102)

## مون کي رسّين سان مضبوط ٻڌي وٺو

تَفسيرِ خازِن ۾ آهي ته حضرتِ سَيدُنا اِسمٰعِيلعَلَيهِ السَّلَام پنهنجي والدِ مُحترم کي عرض ڪيو: بابا جان! ذَبح ڪرڻ کان پهريان مون کي رَسّين



www.dawateislami.net

سان مَضبُوط ٻڌي ونجو ته جيئن مان ڇُري نه سگهان، ڇوته مون کي ڊپ آهي جو ڪٿي منهنجي ثواب ۾ ڪمي نه ٿئي ۽ منهنجي رت جي ڇنڊن کان پنهنجا ڪپڙا بچائي رکجو ته جيئن انهن کي ڏسي منهنجي امڙ سائڻ غمگين نه ٿئي. ڇُري خُوب تيز ڪري ونو ته جيئن منهنجي ڳلي تي چڱي طرح هلي وڃي (يعني ڳلو فوراً ڪٽجي وڃي) ڇوته موت نهايت سخت هوندو آهي، اوهان مون کي ذبح ڪرڻ جي لاءِ پيشاني پر ليٽائجو (يعني چهرو زمين ڏانهن هجي) ته جيئن اوهان جي نظر منهنجي چهري تي نه پوي ۽ جڏهن اوهان منهنجي امڙ سائڻ وٽ وڃو ته انهن کي منهنجو سَلام چئجو ۽ جيڪڏهن اوهان مُناسِب سمجهو ته منهنجي قميص انهن کي ڏجو، ان سان انهن کي تَسلّي ٿيندي ۽ صَبر اچي ويندو. حضرتِ اِبراهيم عَلَيهِ السَّلَام جن اِرشاد فرمايو: اي منهنجا پٽ! تون الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم تي عمل ڪرڻ ۾ منهنجي لاءِ ڪيترو عُمده مَدَدگار ثابت ٿي رهيو آهين! پوءِ جيئن حضرتِ اِسمٰعِيل عَلَيهِ السَّلَام چيو هو انهن کي انهيءَ طرح ٻڌي ورتائون، پنهنجي ڇُري تيز ڪئي، حضرت اِسمٰعِيل عَلَيهِ السَّلَام کي پيشاني پر ليٽائي ڇڏيو، سندن چهري تان نگاهه هٽائي ورتي ۽ سندن ڳلي تي ڇري هلائي ڇڏي، پر ڇُري پنهنجو ڪم نه ڪيو يعني ڳلو نه ڪپيائين. (تفسير خازن،۴/۲۲،ملخصاً)

## جنتي دُنبوءِ مُبارَڪ ڪلمات جو مجموعو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرتِ سَيدُنا اِبراهيم عَلَيهِ السَّلَام جڏهن حضرتِ سَيدُنا اِسمٰعِيل عَلَيهِ السَّلَام کي ذبح ڪرڻ جي لاءِ زمين تي ليٽايو ته الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم سان حضرتِ جبرئيل عَلَيهِ السَّلَام فِديي طور جَنّت مان هڪ دُنبو کڻي آيا ۽ پري کان وڏي آواز ۾ فرمايائون: اَللهُ اَكْبَرُ اَللهُ اَكْبَرُ، جڏهن حضرت اِبراهيم عَلَيهِ السَّلَام



www.dawateislami.net

اهو آواز ٻڌو تہ پنهنجو مٿو آسمان ڏانهن ڪنيو ۽ چاڙهي ورتائون تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ جي طرفان اچڻ واري آزمائش جو وَقت گُذري چُڪو آهي ۽ پٽ جي بدران فِديي ۾ دنبو موڪليو ويو آهي، ان ڪري خُوش ٿي فرمايائون: لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكْبَرْ، جڏهن حضرتِ اِسمٰعِيل عَلَيهِ السَّلام اهو ٻڌو تہ فرمايائون: اَللهُ اَكْبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْد، هن ڪان پوءِ انهن ٽنهي پاڪ هستين جي هنن مُبارَڪ لفظن جي اَدائيگي جي اها سُنَّت قيامت تائين جي لاءِ جاري وساري ٿي وئي. (بِنايه شرح هدايه ج٣ص:١٣٠)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هنن مُبارڪ ڪلمات کي تڪبيرِ تشريق چون ٿا ۽ اهي نائين (9) ذُوالحِجة الحَرام جي نمازِ فَجر ڪان تيرهين (13) جي نمازِ عصر تائين پنج وَقت جي فرض نمازون جيڪي مسجد جي جماعتِ مُستَحَبَّہ سان اَدا ڪيون ويون هن ۾ هڪ ڀيرو بلند آواز سان تڪبير چوڻ واجب آهي ۽ 3 ڀيرا افضل آهي. **تڪبيرِ تشريق** سلام ڦيرڻ ڪان فوراً بعد چوڻ واجب آهي. تڪبيرِ تشريق اها آهي: اللهُ اَكبَرُ ط اللهُ اَكبَرُ ط لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَ اللهُ اَكبَرُ ط اللهُ اَكبَرُ ط وَلِلّٰهِ الْحَمْد (بهارِ شريعت ج١ص٧٨٤، تَنوِيرُ الْاَبصار ج٣ص٧١، دُرِّمُختار ورَدُّالْمُحتار ج٣ص٧٣) تڪبيرِ تشريق جي باري ۾ مزيد معلومات جي لاءِ شيخِ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابُوبلال محمد الياس عطارقادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جو رسالو "عيد نماز جو طريقو"(حنفي) صفحي 8 ۽ 9 جو مُطالعو ڪري وٺو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن قرباني واري واقعي ۾ اسان جي لاءِ ڪيئي



www.dawateislami.net

مدني گل موجود آهن، سڀ کان پهريان تہ اهو معلوم ٿيو تہ حضرتِ سَيدُنا اِبراهيم ۽ حضرتِ سَيدُنا اِسمٰعِيل عَلَيهِمَا الصَّلوٰةُوَالسَّلَام ۾ اطاعتِ الٰهي جو ڪيترو جذبو هو جو حضرت سَيدُنا ابراهيم عَلَيه السَّلَام رِضاءِ اِلٰهي جي خاطر پنهنجو اهو پٽ جيڪو وڏي دُعائن کان بعد پوڙهائپ ۾ مليو هو، جيڪو سندن اکين جو نُور ۽ دل جو سُرُور هو، پر پاڻ عَلَيه الصَّلوٰةُوَالسَّلَام الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي خاطر ان جي قرباني جي لاءِ تيار ٿي ويا ۽ پٽ هجي تہ اهڙو جو اهي بہ الله عَزَّوَجَلَّ جو حڪم ٻُڌي غمگين ۽ خوفزده ٿيڻ جي بدران فَرحَت ۽ مُسرَّت مان جڻ تہ خوش ٿيڻ لڳا تہ منهنجي خُوش قِسمَتي جو الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي قُرباني ڪي طَلَب فرمايو آهي ۽ خُوشي سان الله عَزَّوَجَلَّ تي قربان ٿيڻ جي لاءِ تَيار ٿي ويا. هن مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجن پيارن ٻانهن کي مختلف طريقن سان آزمائي ٿو، جيڪو جيتري قدر مُقرَّب ۽ محبوب هوندو آهي ان تي آزمائش بہ وڌيڪ ايندي آهي، تہ جيئن اهي نُفُوسِ قُدسِيہ ان جي رضا تي راضي رهندي اچڻ واري آزمائش تي صبر ڪري انعام طور الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ مان بُلند مَرتبا حاصل ڪري سگهن. فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جڏهن ٻانهي جو الله عَزَّوَجَلَّ وٽ ڪو مرتبو مقرر ٿئي ۽ اهو ان مرتبي تائين ڪنهن عمل سان نہ پهچي سگهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جسم، مال يا اولاد جي آزمائش ۾ مبتلا ڪندو آهي، پوءِ ان کي انهن تڪليفن تي صبر جي توفيق عطا ڪندو آهي ايستائين جو اهو الله عَزَّوَجَلَّ وٽ پنهنجي مقرر درجي تائين پهچي ويندو آهي. (ابو داؤد ،كتاب الجنائز ، باب الامراض المكفرة...الخ ، ۳/۲۴۶، حديث:۳۰۹۰) ۽ قرباني واري واقعي مان تربيتِ اَولاد ۽ والدين جي اِطاعت جو بہ درس ملي ٿو تہ حضرت ابراهيم عَلَيه السَّلَام پنهنجي نُورِ نظر جي تربيت



www.dawateislami.net

ڪئي جو آزمائش جي وَقت حضرت سَيدُنا اسمعيل عَلَيه السَّلَام بہ پنھنجي والد جي اطاعت ڪندي خوشي سان قرباني جي لاءِ تيار ٿي ويا. اسان کي بہ پنھنجي والدين سان حُسنِ سُلُوڪ ڪندي انھن جي اطاعت ۾ زندگي بسر ڪرڻ گھرجي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** قرباني ڪرڻ جي لاءِ تقويٰ ۽ اِخلاص جو ھئڻ بہ بيحد ضروري آھي، ڇوتہ جيڪڏھن ڪو نيڪ عمل ماڻھن کي ڏيکارڻ ۽ نُمود و نمائش يا ڪنھن ٻي غرض سان ڪيو وڃي تہ اھو ھرگز قابلِ قبول نہ ٿيندو جيئن تہ قرآنِ پاڪ ۾ حضرت سَيدُنا آدم عَلَيه السَّلَام جي ٻنھي پٽن جي قرباني جو واقعو آھي تہ جڏھن حضرت سَيدُنا آدم عَلَيه السَّلَام حضرت ھابيل رَضِي اللهُ تَعَالٰي عَنْه سان اقليما جو نڪاح ڪرڻ چاھيو تہ قابيل ان فيصلي کي تسليم نہ ڪيو ۽ اقليما سان نڪاح جي خواھش ظاھر ڪئي، حضرت آدم عَلَيه السَّلَام ان کي سمجھايو تہ اقليما تنھنجي ڀيڻ آھي ۽ ان سان تنھنجو نڪاح نٿو ٿي سگھي، پر قابيل پنھنجي ضِد تي قائم رھيو. آخرڪار حضرت آدم عَلَيه السَّلَام حڪم ڏنو تہ توھان ٻئي پنھنجون قُربانيون اللهعَزَّوَجَلَّ جي دربار ۾ پيش ڪيو. جنھن جي قرباني مقبول ٿيندي اھو ئي اقليما جو حق دار ٿيندو. ان زماني ۾ قرباني جي مقبوليت جي اھا نشاني ھئي تہ آسمان تان ھڪ باھ ايندي ھئي ۽ جيڪا قُرباني الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ مقبول ٿئي تہ ان کي ڪائيندي ھئي، قابيل ڪڻڪ جا ڪجھ سنگ ۽ حضرت ھابيل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ھڪ ٻڪري قرباني جي لاءِ پيش ڪئي. آسماني باھ حضرت ھابيل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي قرباني کي کائي ورتو ۽ قابيل جي ڪڻڪ کي ڇڏي ڏنو. ھن ڳالھ سبب قابيل جي دل ۾ بُغض ۽ حسد پيدا ٿيو ۽ ان حضرت ھابيل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ



www.dawateislami.net

کي قتل ڪرڻ جو ارادو ڪيو، ۽ هابيل کي چيو تہ مان تو کي قتل ڪندس. حضرت هابيل رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايائون تہ قرباني قبول ڪرڻ الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪم آهي ۽ اهو تقويٰ ۽ اِخلاص وارن جي قُرباني قبول ڪندو آهي، جيڪڏهن تُون مُتقي هجين ها تہ ضَرور تنهنجي قرباني قبول ٿئي ها.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قابيل جي قُرباني تقويٰ ۽ رِضاءِ الٰهي جي لاءِ نہ هئي بلڪ ان جو مقصد صرف اقليما کي حاصل ڪرڻ هو، جڏهن اها نہ ملي تہ ان بُغض ۽ حسد ۾ حضرت هابيل رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي قتل ڪري ڇڏيو. هن مان معلوم ٿيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ عملن جي قبوليت جي لاءِ تقويٰ ۽ اِخلاص جو هئڻ نهايت ضروري آهي. پر افسوس اسان جو حال تہ هي آهي جو پهريان تہ نَفس ۽ شيطان اسان کي نيڪيون ڪرڻ نٿا ڏين جيڪڏهن ڪا نيڪي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون تہ شيطان اسان جي عِبادت کي ضائع ڪرڻ جي لاءِ پنهنجو سمورو زور لڳائي ان عبادت ۾ ڪا غلطي ڪرائيندو آهي يا وري ان عمل ۾ رِياڪاري ڪرائي اهو عمل ئي ضائع ڪرائي ڇڏيندو آهي. ياد رکو! اسان کي قرباني ۽ ان جي علاوه ٻيا نيڪ عمل اخلاص ۽ استقامت سان الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا ۽ خوشنودي جي لاءِ ڪرڻ گهرجن، جيڪڏهن اسان ماڻهن جي رِضا حاصل ڪرڻ، نام ونمود جي لاءِ مهانگو جانور قربان ڪنداسين تہ ماڻهو پوءِ بہ خوش نہ ٿيندا ۽ طرح طرح جون ڳالهيون ڪندا. مثال طور ڪنهن قرباني جي لاءِ پنهنجي علائقي ۾ سڀ کان مهانگو جانور خريد ڪيو تہ ماڻهو ان جي باري ۾ ائين بدگماني ۽ غيبتون ڪندا نظر ايندا آهن تہ هن کي ڏسو شُهرت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪيترو مهانگو جانور خريد ڪري آيو آهي، ڀلا! ايترو مهانگو جانور تہ حلال جي ڪمائي ۾ هرگز نٿو اچي سگهي، حرام جي ڪمائي مان قرباني



www.dawateislami.net

ڪرڻ جو ڪهڙو فائدو!!. هاڻي جيڪڏهن ڪو ماڻهن جي طعني ۽ ٺٺول کان بچڻ جي لاءِ قرباني جو سستو جانور وٺي اچي ته ماڻهو تڏهن به ڳالهيون ڪندا آهن ته پنهنجي ٻارن جي شادي ۾ فُضول رسمن ۾ ته هن پاڻي جيان پيسو وهايو پر جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ جو موقعو آيو ته ان جي جيب مان پيسو نه پيو نڪري، اللهعَزَّوَجَلَّ هن کي ڪثير مال ودولت سان نوازيو آهي پر ڏسو ته سهي قرباني جي لاءِ ڪيترو ڪمزور جانور خريد ڪيو آهي .

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي کپي ته قرباني ڪرڻ وَقت سيني کي راضي ڪرڻ جي بدران پنهنجي رَبّعَزَّ وَجَلَّ کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪيون ۽ تَقويٰ ۽ اِخلاص کي پيشِ نظر رکون، ڇوته الله عَزَّوَجَلَّجي بارگاه ۾ اها ئي قُرباني مقبول آهي جنهن ۾ تَقويٰ ۽ اِخلاص شَامل هجي نه ته اسان کي جنهن جانور جي قرباني ڪرڻي آهي، ان جو گوشت ۽ ٻيا فائدا اسان ئي حاصل ڪيون ٿا. اللهعَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ جانور جو ڪو حصو ناهي پهچندو، اللهعَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ ته قُرباني ڪرڻ واري جو اِخلاص ۽ تقويٰ پهچندو آهي جيئن ته سيپاري 17سُورَةُ الحج جي آيت نمبر37 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

لَنۡ يَّنَالَ اللّٰهَ لُحُوۡمُهَا وَلَا دِمَآؤُهَا وَلٰـكِنۡ يَّنَالُهُ التَّقۡوٰى مِنۡكُمۡ ؕ

**تَرجموڪنزالايمان:** الله کي هرگِز نه پهچندو آهي اُنهن جو گوشت ۽ اُنهن جو رت، هائو توهان جي پرهيزگارِي اُن وٽ پهچي ٿي

ان ڪري اسان کي گهرجي ته ماڻهن کي ڏيکارڻ ۽ پنهنجو نالو چمڪائڻ جي غرض سان هر گز ڪو عمل نه ڪيون بلڪ الله عَزَّ وَجَلَّ جي رِضا ۽ خوشنُودي جي لاءِ نيڪ عمل ڪرڻ جي عادت بڻايون.



www.dawateislami.net

عَطا کردے اِخْلَاص کی مجھ کو نعمت | نہ نزدیک آئے رِیا یاالٰہی
مِری زِنْدگی بس تِری بندگی میں | ہی اے کاش گُزرے سَدا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ذُوالحِجّةُ الحَرام جو مهينو پنهنجون بهارون لُٽائي رهيو آهي، هن جي آمد تيندي ئي سُنَّتِ ابراهيمي جون يادون تازه ٿي وينديون آهن، هر سال لکين مُسلمان هن مُقدَّس مهيني ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم جي پيروي، سُنتِ ابراهيمي ۽ سُنَّتِ مُصطَفٰي صَلَّي الله تَعَالٰي عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ادائيگي جي لاءِ تيار نظر ايندا آهن. هر صاحبِ استطاعت مسلمان ڪي گهرجي ته اهو رِضاءِ اِلٰهي جي حُصُول ۽ سُنَّتِ ابراهيمي جي اَدائيگي جي نِيت سان هن مهيني ۾ مالِ حلال مان قُرباني جو فريضو سَر اَنجام ڏي، ڇوته اها تمام وڏي سعادت جي ڳالھ آهي. قرآنِ ڪريم ۾ الله عَزَّوَجَلَّ قُرباني جو ذِڪر ڪندي ارشاد فرمائي ٿو.

فَصَلِّ لِرَبِّكَ وَانْحَرْ ﴿۲﴾
(پ۳۰،الڪوثر،۲)

**تَرجموڪنزالايمان:** توهان پنهنجي رب جي لاءِ نماز پڙهو ۽ قرباني ڪريو .

امام فخرُ الدين رازي رَحمَةُاللهِ تَعَالٰي عَلَيه هن آيتِ مُبارڪ جي تحت فرمائن ٿا ته حنفي عالم سڳورن هن آيت مان اهو اِستِدلال فرمايو ته قُرباني واجب آهي.
(تفسير ڪبير،۱۱/۳۱۸)

حضرت علامہ سيد محمود آلوسي بغدادي رَحمَةُاللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا ته ”اڪثر (عُلماء ڪرام) هن ڳالھ تي مُتَّفِق آهن ته نحر مان مُراد قُربانين جو ذبح ڪرڻ آهي ۽ ڪِن وري قرباني جي واجب ٿيڻ بابت هن آيت مان اِستدلال


www.dawateislami.net

ورتو آهي. (تفسير روح المعاني،پ۳۰،الكوثر،تحت الآية: ۶۶۳/۲،۳۰)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَحاديثِ مُبارڪ قرباني جي فَضائل ومَسائل سان مالا مال آهن. اچو! قُرباني جي فضيلت تي مُشتمل چار(4)فرمانِ مُصطفٰي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا.

﴿1﴾ قرباني ڪرڻ واري کي قرباني جي هر وار جي بدلي ۾ هڪ نيڪي ملندي آهي. (ترمذي ج 3 ص 162 حديث 1498) ﴿2﴾ جنهن خوش دلي سان ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ قرباني ڪئي تہ اها جهنّم جي باهہ کان حِجاب (يعني روڪ) ٿي ويندي. (العجم الكبير ج 3 ص 84 حديث 2736) ﴿3﴾ اي فاطمہ! پنهنجي قرباني وٽ موجود رهو، ڇوتہ جڏهن ان جي رت جو پهريون قطرو ڪِرندو تہ توهان جا سڀ گناهہ معاف ڪيا ويندا. (السنن الكبريٰ للبيهقي ج 9 ص 476 حديث 19161) ﴿4﴾ انسان عيدالاَضحيٰ جي ڏينهن ڪا اهڙي نيڪي ناهي ڪندو جيڪا الله عَزَّوَجَلَّ کي رت وهائڻ کان وڌيڪ پياري هجي، اها قرباني قِيامت ۾ پنهنجي سڱن، وارن ۽ کُرن سان ايندي ۽ قربانيءَ جو رت زمين تي ڪرڻ کان اڳ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ وٽ قبول ٿي ويندي آهي. تنهنڪري خوش دليءَ سان قرباني ڪريو. (ترمذي ج 3 ص 162 حديث 1498) (ابن ماجه ج 3 ص 529 حديث 3123)

حضرت علامہ شيخ عبدالحق مُحَدِّث دهلوي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: قرباني پنهنجي ڪرڻ واري جي نيڪين جي پلڙي ۾ رکي ويندي جنهن سان نيڪين جو پلڙو وزني ٿي ويندو. (اشعة اللمعات ج 1 ص 654) حضرت سيدنا مُلّا علي قاري عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ البارِي فرمائن ٿا: پوءِ ان جي لاءِ سواري بڻجندي جنهن جي ذريعي اهو شخص آسانيءَ سان پلصراط تان گذرندو ۽ ان (جانور) جو



www.dawateislami.net

هر عضوو مالڪ (يعني قرباني پيش ڪرڻ واري) جي هر عضوي (جي لاءِ جهنم کان آزادي) جو فِديو بڻجندو.

(مِرْقاة الْمَفاتِيح ج۳ص۵۷۴تحتَ الحديث ۱۴۷۰،مراٰة ج۲ ص ۳۷۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان قُرباني جا فضائل ٻڌا تہ عيدِ قربان تي الله عَزَّ وَجَلَّ قرباني جو فريضو ادا ڪرڻ وارن خُوش نصيبن ڪي انهن جي جانورن جي هر وار جي بدران هڪ نيڪي عطا ڪندو آهي، قرباني ڪرڻ وارن کي جهنّم جي باهہ مان نجات عطا ڪندو آهي، جانور جي رت جو پهريون قطرو زمين تي ڪرڻ کان پهريان پهريان گُناهہ معاف ڪيا ويندا آهن، محشر جي ڏينهن قرباني نيڪين جي پلڙي ۾ رکي ويندي تہ اها وزني ٿي ويندي ۽ قُرباني ڪرڻ وارو پنهنجي جانور تي سوار ٿي پُل صراط تان آسانيءَ سان گذري ويندو، تنهنڪري جيڪو مسلمان (مرد ۽ عورت، بالغ، مقيم) مالڪ نصاب هجي (يعني اُن شخص وٽ ساڍا ٻاونجهہ تولا چاندي يا ايتري ماليت جي رقم يا ايتري ماليت جو واپار جو مال يا ايتري ماليت جو حاجتِ اَصليہ جي علاوه سامان هجي ۽ اُن تي الله عَزَّ وَجَلَّ يا ٻانهن جو ايترو قَرض نہ هجي جنهن کي ادا ڪري ۽ پوءِ بيان ڪيل نصاب باقي نہ رهي) تہ اهڙي شخص تي شرعاً قرباني واجب آهي. ان ڪري ان کي کپي تہ اهو ٽال مٽول سان ڪم وٺڻ ۽ مختلف حِيلا بهانا ڳاهي رَبّ ذُوالجلال جَلَّ جَلَالُه جي قَهر وغَضَب جو حقدار بنجڻ کان بچي .

ياد رکو! قرباني واجب ٿيڻ جي باوجود ان جي ادائيگي نہ ڪرڻ گناهہ



www.dawateislami.net

آھي ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اھڙن ماڻھن جي باري ۾ فرمايو: جنھن شخص کي قرباني ڪرڻ جي وُسعَت ھجي پوءِ بہ اھو قرباني نہ ڪري تہ اھو اسان جي عيد گاھ جي ويجھو نہ اچي. (ابن ماجه ج۳ص۵۲۹ حديث۳۱۲۳)

## ڇا قرض ڪڍي بہ قرباني ڪرڻي پوندي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪي ماڻھو قرباني جي اِسۡتِطاعت (يعني طاقت) رکڻ باوجود پنھنجي قرباني ادا نٿا ڪن، انھن جي لاءِ فڪر جو مقام آھي، اوّل اھو ئي خسارو (يعني نقصان) ڇا گھٽ آھي تہ قرباني نہ ڪرڻ سان ايڏي وڏي ثواب کان محروم ٿي وياِ وڏيڪ ھي تہ اھي گنھگار ۽ جھنّم جا حقدار بہ آھن، فتاويٰ امجديہ جلد 3 صفحي 315 تي آھي:

”جيڪڏھن ڪنھن تي قرباني واجب آھي ۽ ان وقت ان وٽ پيسا نہ آھن تہ قرض وٺي يا ڪا شيءِ وڪڻي بہ قرباني ڪري.“

ياد رھي! تہ جنھن شخص تي شَرعي اُصُولن جي مطابق قُرباني واجب آھي ان تي قُرباني بابت مسئلا سکڻ بہ لازِمي آھن. فِي زَمانہ عِلمِ دِين کان دُوري جي باعث مسلمانن جو ھڪ تعداد ھن اَھم فَريضي کي بہ ڪَمَا حَقُّه (جيئن ان جو حق آھي) اَدا نٿو ڪري سگھي، اسان جي مُعاشري (Society) ۾ ھڪ تعداد اھڙو آھي جن جي دِيني مَعلُومات جو حال ھي آھي جو ھڪ ئي گھر ۾ رھڻ واري مُختلِف مالڪ نِصاب اَفراد سڀني گھر جي طرفان ھڪ ئي ٻڪر قُربان ڪندا آھن ۽ قُرباني جي لاءِ ڪھڙو جانور ھئڻ گھرجي؟ يا ڪنھن عَيب (Fault) جي وجہ سان قُرباني نہ ٿيندي؟ انھن کي خبر ئي ناھي ھوندي ۽ اھي قُرباني ڪرڻ کان پوءِ ان خُوش فھمي ۾ مبُتلا رھندا



www.dawateislami.net

آهن تہ اسان بہ سُنَّتِ اِبراهيمي تي عمل ڪري ورتو ۽ اسان جو واجب اَدا ٿي ويو. حالانڪ ان جي ذِمّي واجب جي اَدائيگي باقي رهندي آهي. ان ڪري قُرباني جي اَحڪامن جو عِلم هئڻ نهايت ضَروري آهي. قُرباني ۾ پيش ايندڙ مسئلن جي باري ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اَهلسُنَّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابُو بلا ل محمد الياس عطّارقادرِي رَضَوي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي 48 صفحن تي مُشتمل رِسالو ”اَبْلَق گهوڙي سُوار“ جو مُطالَعو نهايت مُفيد رهندو. هن رسالي ۾ قرباني جا فضائل، قُرباني جا 12مدني گل،قرباني جو طريقو، عيب دار جانورن جي تفصيل، اندازي سان گوشت تقسيم ڪرڻ جا طريقا، ذَبح ۽ ذبيحہ بابت اِحتياط ۽ کلن وغيره جي باري ۾ اَهم معلومات کي بيان ڪيو ويو آهي، تنهنڪري اڄ ئي هن رسالي کي مڪتبة المدينہ جي بستي تان هديو ڏئي طلب فرمايو ۽ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** عيدِ قُربان سال ۾ صرف هڪ ڀيرو ايندي آهي، بيشڪ اهو فاصلا مٽائڻ ۽ خُوشيون ڦهلائڻ جو نهايت اَهم موقعو هوندو آهي. شريعتِ مُطهره جهڙي طرح اسان کي عام حالتن رِشتيدارن، پاڙيوارن، فقيرن ۽ مسڪينن جي خَير خواهي ڪرڻ ،خُوشي غمي جي موقعي تي انهن جي دِلجوئي ڪرڻ ۽ مشڪل وَقت ۾ انهن جي مدد ڪرڻ جي ترغيب ڏياري آهي، اهڙي طرح عيدِ قربان جي پُرمُسَرَّت گهڙين ۾ بہ



www.dawateislami.net

انهن سان خير خواهي ڪرڻ ۽ انهن جي لاءِ قُرباني جي گوشت ۾ حِصَّو مُقرَّر ڪرڻ ڪي مستحب(يعني ثواب جو ڪم) قرار ڏنو آهي.

## قُرباني واري گوشت جا مصارف

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابُو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي رسالي"ابلق گهوڙي سوار" جي صفحي23 تي فرمائن ٿا: (قرباني ڪرڻ وارو) قرباني جو گوشت پاڻ بہ کائي سگهي ٿو ۽ بي شخص مالدار يا فقير کي ڏئي سگهي ٿو، کارائي سگهي ٿو، بلڪ ان مان ڪجھ کائي ونڻ قرباني ڪرڻ واري جي لاءِ مستَحَب آهي، بهتر هي آهي تہ گوشت جا ٽي حصا ڪري. هڪ حصو فقراء جي لاءِ ۽ هڪ حصو دوست احباب جي لاءِ ۽ هڪ حصو پنهنجي گهر وارن جي لاءِ جيڪڏهن سجو گوشت پاڻ ئي رکي ورتو تڏهن بہ گناهہ ناهي، منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: ٽي حصا ڪرڻ صرف اِستِحبابي امر(يعني مُستحب جو حڪم رکندو) آهي ڪجھ ضروري ناهي، چاهي تہ سڀ پنهنجي استعمال ۾ ڪري يا سڀ مِٽن مائٽن کي ڏئي ڇڏي يا سڀ مسڪينن کي ورهائي ڇڏي. (فتاويٰ رضويه،۲۵۳/۲۰)

پر ڀلائي انهي ۾ آهي تہ انهن برڪت ڀرين ڏينهن ۾ پنهنجن مٽن مائٽن، دوست اَحباب ۽ فقيرن ۽ مسڪينن کي بہ پنهنجي خُوشين ۾ شريڪ ڪيون ۽ قرباني جي گوشت مان گهر وارن جو حِصَّو ڪڍي ڪري باقي حِصّو فقيرن ۽ مسڪينن جي لاءِ مُقرر ڪري ڇڏيون تہ جيئن لالچ،



www.dawateislami.net

ڪنجوسي، قطعِ تعلقي ۽ غُرُور ۽ تڪبُّر جهڙيون بُرائيون اسان کان پري رهن، جڏهن تہ صِلَہٴ رِحمي، اُخُوّت ۽ ڀائپي ۽ محبتن جي رشتن جو تسلسل برقرار رهي ۽ اسان کي بہ فقيرن ۽ مسڪينن جي دُعائن مان حِصّو نصيب ٿئي.

بعض علاقن ۾ مسلمانن جي آبادي ۾ غير مسلم بہ رهندا آهن، ياد رکو! انهن کي قرباني جو گوشت ڏيڻ جي شرعي اِجازت ناهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "مدني قافلو" بہ آهي-

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** فرض عُلوم سکڻ ۽ پنهنجي اندر دِين جي خاطِر قُرباني ڏيڻ جو جذبو بيدار ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اِسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ رهو ۽ ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصّو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان ماهوار هڪ مَدَني ڪم "مَدَني قافِلي ۾ سفر" بہ آهي.اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي تحت سَفَر ڪرڻ وارن سُنّتن جي تَربِيت جي مَدَني قافِلن جي بَرَڪت سان هينئر تائين بي شُمار ماڻهن جي زندگين ۾ مَدَني اِنقلاب اچڻ جون مدني خبرون ٻڌندا رهون ٿا، جيئن تہ اهي مدني قافلا عام طور تي مسجدن ۾ ئي ترسندا آهن، ان ڪري ڪيئي مسجدون بہ انهن مَدَني قافِلن جي بدولت آباد ٿي چڪيون آهن. مسجدن کي آباد ڪرڻ جي تہ ڇا ئي ڳالهہ آهي، حديثِ پاڪ ۾ آهي: جڏهن ڪو ٻانهو ذِڪر ۽ نماز جي لاءِ مسجد کي نڪاڻو بڻائيندو آهي تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ ان سان اهڙو خوش ٿيندو آهي جيئن انسان پنهنجي گمشده ماڻهو جي واپس



www.dawateislami.net

اچڻ تي خوش ٿيندا آهن.( ابن ماجه،کتا ب المساجد والجماعات ،با ب لزوم المساجد ،۱/ ۴۳۸، رقم :۸۰۰)

اچو! ترغيب جي لاءِ مَدَني قافِلي جي هڪ مَدَني بهار ٻڌون ٿا جيئن تہ

## سنڌن جي بيماري ۽ بي روزگاري مان نجات

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خُلاصو آهي تہ مون کي هڪ پاسي بي روزگاري ۽ ٻئي پاسي سنڌن جي سُور جي پُراڻي بيماري، تنگدستي ۽ شديد دَرد جي سبب سخت بيزاري هئي، گهڻو علاج ڪرايو پر ڪجھ فائدو نہ ٿيو. ڪنهن اسلامي ڀاءُ انفِرادي ڪوشِش جي ذَريعي ذِهن ٺاهي دعوتِ اسلامي تحت عاشقانِ رسول جي سُنّتن جي تَربِيت جي مَدَني قافِلي ۾ سُنّتن ڀري سفر جي ترڪيب ٺاهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مَدَني قافِلي ۾ سُنّتن ڀري سَفَر ۽ عاشقانِ رسول جي شفقت ڀري صحبت جي بَرَڪت سان منهنجي سالن جي پُراڻي سنڌن جي سور جي بيماري بلڪل ختم ٿي وئي. مَدَني قافِلي تان واپسي تي ٻئي ئي ڏينهن هڪ اسلامي ڀاءُ آيو ۽ ان مون کي ڪم تي لڳائي منهنجي روزگار جي ترڪيب بہ ٺاهي ڇڏي. اهو بيان ڏيڻ مهل اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هڪ سال کان وڌيڪ عرصو گُذري چڪو آهي، منهنجو ڪم هڪ ڏينهن بہ بند ناهي ٿيو ۽ دَرد بہ موٽي ناهي آيو.

يا خُدا! نکلوں میں مدنی قافلوں کے ساتھ کاش! سُنّتوں کی تَربِیَت کے واسطے پھر جلدتَر!

خُوب خِدمت سُنّتوں کی ہم سَدا کرتے رہیں مدنی ماحول اے خُدا ہم سے نہ چُھوٹے عُمر بھر

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰهِعَزَّوَجَلَّ! عيدُ الاضحيٰ جي برڪتن جي ته ڇا ڳالهه ڪجي انهن ڏينهن ۾ سُنّتِ ابراهيمي جي اَدائيگي جو جوش ۽ جذبو ڏسڻ وٽان هوندو آهي، جيڪي صاحبِ اِستطاعت اَفراد سُنّتِ ابراهيمي جي اَدائيگي جي نِيت سان پنهنجي جانورن کي راهِ خُدا ۾ قُربان ڪندا آهن، اهي غريبن مسڪينن کي گوشت پهچائي انهن جي مدد به ڪندا آهن. اهڙي طرح اهي غريب ۽ مسڪين به پنهنجي گهر وارن ۽ ٻين عزيز مٽن مائٽن جي لذيذ کاڌن جي ذريعي مهمان نوازي ڪندا آهن. عيدِقُربان جي موقعي تي اڪثر گهرن ۾ گوشت گهڻي مقدار ۾ گڏ ٿي ويندو آهي، ان گوشت کي محفوظ رکڻ جي لاءِ اسان ڊِيپ فريزر(Deep Freezer) جو استعمال ڪندا آهيون، پر ان جي باوُجُود به گوشت خراب ٿيڻ جون شڪايتون ٻڌڻ ۾ مليون آهن، ان ڪري وڌيڪ عرصي تائين گوشت ۽ کاڌي جون ٻيون شيون محفوظ رکڻ جو هڪ نُسخو ٻڌي وٺو،

شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابُو بلال محمدالياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه پنهنجي تصنيف"فيضانِ سُنَّت"۾ فرمائن ٿا: ڪچو گوشت جيڪڏهن وڏي ديڳڙي يا ٽوڪريءَ ۾ ڀري ڪري ڊيپ فريزر ۾ رکندؤ، ته اندروني حصي ۾ٿڌاڻ (Cooling) گهٽ پهچڻ سبب خراب ٿي وڃڻ جو قوي انديشو آهي، تنهنڪري ان جي حفاظت جوطريقو چڱيءَ طرح سمجهي ڇڏيو. ڀِريان ٽوڪريءَ جي تَري ۾ برف رکو پوءِ ان جي مٿان گوشت جو تهه جمايو پوءِ ان تي برف، وري مٿان گوشت جو تهه، بعد ۾ ڊيپ فريزر ۾ رکي ڇڏيو، اهڙيءَ ريت هينان، مٿان ۽ اندران هر طرف ٿڌاڻ ئي ٿڌاڻ رهندي ۽ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪافي ڏينهن تائين گوشت



www.dawateislami.net

خراب نه ٿيندو. (فيضانِ سنت،ص۵۷۴)

ۀ هن ڳالھ جو به خيال رکو ته "ڊِيپ فريزر " ٺيڪ ڪم ڪري رهيو آهي يا نه، گرمين ۾ ڪڏهن ڪڏهن وولٽيج (Voltage) گهٽ ٿيڻ جي صورت ۾ ٿڌاڻ (Cooling) گهٽ ٿي ويندي آهي ۽ غِذا خراب ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي، اهڙن موقعن تي ڪائڻ پيئڻ وارين شين کي پڪيڙي کلي هوا ۾ به رکي سگهجي ٿو، گوشت کي ديوار وغيره جي ٽيڪ جي بغير کُلي هوا ۾ لٽڪائڻ سان دير تائين تازو رهي سگهي ٿو، جڏهن به پچل ڪاڌو يا بوڙ فريزر ۾ رکون ته ٿانو جو ڍڪ ضَرور کولي ڇڏيون ته جيئن ٿڌاڻ اندر پهچي سگهي. ننڍن ٿانون، ٿالن يا پلاسٽڪ جي ننڍين ٿيلهين ۾ رکڻ مُناسب هوندو آهي، ڪاڌي سان ڀريل وڏي ديڳڙي جي اندرئين حصّي ۾ ٿڌاڻ (Cooling) نه پهچڻ جي سبب ڪاڌو خراب ٿيڻ جو انديشو رهي ٿو. خُصوصاً ڪچڙي ۽ پچيل دال ۾ وڌيڪ اِحتِياط جي ضَرورت آهي نه ته اهي جلد خراب ٿي وينديون آهن. اِهڙي طرح اهڙيون غذائون جن ۾ ٽماٽا يا ڪٿاڻ وڌيڪ مقدار ۾ هجي ان جي به جلد خراب ٿيڻ جو اِمڪان رهندو آهي.

ياد رکو! ڊاڪٽرز جي تحقيق جي مطابق 10 ڏينهن کان وڌيل رکيل، فريزر جو گوشت طِبّي (Medically) لحاظ کان نقصان ده آهي، ان ڪري ڪوشش ڪري 10 ڏينهن کان پهريان پهريان گوشت اِستعمال ڪري وٺو يا کنهن کي ڏئي ڇڏيو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي لاءِ بي شُمار نعمتون پيدا



www.dawateislami.net

ڪيون آهن ۽ هر نعمت کي طرح طرح جي فائدن سان مُزَين فرمايو آهي، گوشت بہ ان جي هڪ عظيمُ الشّان نعمت ۽ اهڙو مزيدار کاڌو آهي جو جيڪڏهن اسان مُناسِب مقدار ۾ مياني رويءَ سان ان کي استعمال ڪيون تہ اسان انهن فائدن کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهون ٿا. ان جو سڀ کان وڏو فائدو تہ هي آهي جو ان کي کائڻ سان اسان کي سُنّت تي عمل جو ثواب حاصل ٿئي ٿو، ڇوتہ اهو اسان جي آقا،مڪي مدني مُصطَفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُبارَڪ سنت ۽ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پسنديده کاڌن ۾ شامل رهيو آهي،

حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي کاڌن ۾ سڀ کان وڌيڪ گوشت پسند هو، سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي : گوشت کنن جي سَماعت وڌائي ٿو ۽ دنيا ۽ آخِرت ۾ کاڌن جو سردار آهي. جيڪڏهن مان اللهعَزَّ وَجَلَّ کان سُوال ڪيان ها تہ مون کي روزانو گوشت کارائي تہ اهو ضرور ائين ڪري ها. (اتحاف السادة، كتاب آداب المعيشة، ٨/٢٣٨)

ان کان علاوه قُرباني واري عيد جي موقعي تي عُموماً گوشت جي ڪثرت جي ڪري پاڃيون ۽ دالون پچائڻ جو رُجحان تقريباً نہ هئڻ جي برابر هوندو آهي ۽ گوشت مان نهيل کاڌا پچائڻ کي ئي وڌيڪ ترجيح ڏني ويندي آهي ان ڪري پوءِ گوشت مان جيڪي فائدا ۽ ثمرات اسان کي ملڻا هئا وڌيڪ استعمال جي ڪري اسان انهن فائدن کان محروم ٿي ويندا آهيون ۽ گوشت خوري جي آفت ۾ مبتلا ٿيڻ جي سبب ڊاڪٽرن ۽ حَڪيمن وٽ ڌڪا کائڻ تي مجبور ٿي ويندا آهيون، تنهنڪري گوشت جي



www.dawateislami.net

مُعامَلي ۾ مِيانہ رَوي سان کم ونو ۽ گوشت جي نقصان ڏيندڙ اَثرات کي گهٽ ڪرڻ جي لاءِ ان سان گڏ ڀاڄين (Vegetable) جو استعمال ضرور رکو. اچو! هاڻ گوشت جا چند طبي فائدا ۽ وڌيڪ گوشت کائڻ جا نُقصان بہ ٻڌون ٿا.

## گوشت جا طبي فائدا ۽ گهڻو گوشت کائڻ جا نقصان

طبيبن جو چوڻ آهي تہ گوشت کائڻ سان (بدن جي) 70 قُوّتن ۾ اِضافو ٿئي ٿو، ان سان بصارت (ڏسڻ جي قوت) وڌيڪ تيندي آهي، گوشت بدن جي رنگ کي نکاري ٿو، پيٽ کي وڌڻ ناهي ڏيندو، اخلاق ۽ عادتن کي بهتر بڻائيندو آهي، ڪنڌ جو گوشت عُمدَه لَذِيذ، جلد هضم ٿيڻ وارو ۽ هلڪو هوندو آهي، دَستيءَ جو گوشت سڀ کان هلڪو، لذيذ تَرين، جلد هضم ٿيڻ وارو ۽ بيماري کان خالي هوندو آهي، پاڌي يا وچير جو گوشت بالخصوص جڏهن پاڏو صحت مند هجي، نهايت مُعتدِل، لذيذ، عُمده ۽ پسنديده هوندو آهي، گرم تَر هوندو آهي ۽ جيڪڏهن عُمدَه طَرِيقي سان هضم ٿئي تہ ان جو شمار قوت بخش غذا ۾ ٿئي ٿو. عام طور تي استعمال جي لاءِ شوروي ( يعني رس) وارو گوشت بهتر رهي ٿو، سڀ کان بهتر گوشت ٻڪري جو هوندو آهي، ٻڪري جي گوشت ۾ دَستي ۽ ڪنڌ اهي مقام آهن جتي ريشا ٿلها ناهن هوندا ۽ گوشت جلدي ڳرندڙ ۽ مُلائم هوندو آهي، قمر جي گوشت جو ريشو ران کان گهٽ ٿلهو هوندو آهي ان ۾ خون پيدا ڪرڻ وارا اجزاء ملندا آهن، گوشت بدن کي وڌائي ڪري طاقت بخشيندو آهي، گوشت جا فائدا جانورن جي حساب سان مختلف آهن، ٻڪري جو گوشت صاف خون پيدا ڪندو آهي، گرم مزاجن جي لاءِ مفيد آهي.



www.dawateislami.net

اچو هاڻي ڪثرت سان گوشت کائڻ جا نُقصان بہ ٻڌون تا، انساني جسم جي لاءِ هفتي ۾ بہ ٽي (3/2) ڀيرا کان وڌيڪ گوشت جو استعمال نُقصان ده آهي، وڏي جانور جو گوشت وڌيڪ کائڻ سان مسوڙا ۽ ڏند خراب ٿيندا آهن، گوشت جي ڪثرت سان گُرُدن (Kidneys) ۾ يورِڪ ايسِڊ (Uric Acid) جي زِيادتي ٿي ويندي آهي، گُرُدا ان کي آساني سان خارج نٿا ڪن، گوشت جو وڌيڪ استعمال جگر (Liver) جي لاءِ بہ نُقصان ده آهي، وڌيڪ مقدار ۾ گوشت کائڻ سان ڪينسر (Cancer) جو امڪان وڌي ويندو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بِلا شبہ شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابُو بلال محمد الياس عطارقادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه الله عَزَّ وَجَلَّ جي طرفان اسان جي لاءِ ڪنهن وڏي نعمت کان گهٽ نہ آهن، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ امير اهلسنت جي دل ۾ مسلمانن جي شرعي ۽ اَخلاقي رهنمائي جو جذبو تمام گهڻو ڀريل آهي، اهو ئي سبب آهي جو پاڻ پنهنجي سُنّتن ڀري اصلاحي بيانات ۽ علم و حڪمت سان ڀرپُور مدني مذاڪرن وغيره جي ذريعي وَقتاً فوقتاً پنهنجن مُريدن ۽ چاهڻ وارن جي مدني تَربِيت ڪندا آهن ۽ انهن کي شريعت جو دامن مضبوطي سان پڪڙي رکڻ جي ڀرپور انداز ۾ ترغيب ارشاد فرمائيندا رهندا آهن، مثال طور جڏهن عيدِ قربان جون پُرمُسرّت گهڙيون ايندِيون آهن تہ تبليغِ قرآن ۽ سُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ڪيترائي اسلامي ڀائر پنهنجي پير و مُرشد ۽ مدني مرڪز جي فرمان تي



www.dawateislami.net

لبيڪ چوندي پنهنجي قيمتي مصروفيات جي قُرباني ڏئي قُرباني جون کلون گڏ ڪندا آهن، ۽ مدني ڪمن جي ترقي ۾ مُعاونت جو سبب بڻجندا آهن، تنهنڪري قُرباني جون کلون گڏ ڪرڻ جي دوران ٿيڻ وارين بي اِحتياطين جي پيشِ نظر پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه دعوتِ اسلامي جي لاءِ قُرباني جون کلون گڏ ڪرڻ وارن جي لاءِ 22 نيتن ۽ اِحتياطن تي مُشتمل هڪ مدني گُلدستو عطا فرمايو آهي. اچو! اميرِ اهلسنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”ابلق گهوڙي سوار“ جي صفحه نمبر41 تا 44 تان انهن20 نيتن ۽ احتياطن کي توجه سان پڙهو ۽ عمل ڪرڻ جي نيت ڪري وٺو.

## قرباني جون کلون جمع ڪرڻ وارن جي لاءِ اميرِ اهلسنت جي طرفان عطا ڪيل 20 نيتون ۽ احتياطون

ٻه فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (معجم ڪبير ج 6 ص 185 حديث 5942) ﴿2﴾ سني نيّت ٻانهي کي جنّت ۾ داخل ڪندي آهي. (الفردوس بماثور الخطاب ج 4 ص 305 حديث 6895)

ٻه مدني گل: (1) بنا سني نيّت جي ڪنهن ٻه سني عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سنيون نيتون وڌيڪ اوترو ثواب ٻه وڌيڪ .

﴿1﴾ رضاءِ الٰهي جي لاءِ سنيون نيتون ڪيان تو ﴿2﴾ هر حال ۾ شريعت ۽ سنّت جو دامن پڪڙي رکندس ﴿3﴾ قرباني جي کلن جي لاءِ پيچ ڌُڪ جي ذريعي دعوت اسلامي سان تعاون ڪندس ﴿4﴾ ڪو ڪيتري ٻه بد سلوڪي ڪري پر غصي جو اظهار ۽ ﴿5﴾ بد اخلاقي کان پرهيز ڪري دعوت اسلامي جي عزت آبرو جي حفاظت ڪندس ﴿6﴾ قرباني جي کلن جي



www.dawateislami.net

ڪري ڪيتري به مصروفيت هجي بنا شرعي عذر جي ڪنهن به نماز جي جماعت ته ڇا تڪبير اوليٰ به نه ترڪ ڪندس ﴿7﴾ پاڪ لباس عمامي سميت ۽ تهبند شاپر وغيره ۾ وجهي نمازن جي لاءِ گڏ رکندس (ضرورت آهر بستي وغيره تي رکي سگهو ٿا، هن جي خاص تاڪيد آهي، ڇوته ذبح جي وقت نڪتل رت نجاستِ غليظ ۽ پيشاب جيان ناپاڪ آهي ۽ ڪلون جمع ڪرڻ واري جو پنهنجا ڪپڙا پاڪ رکڻ نهايت دشوار هوندو آهي بهارشريعت جلد 1 صفحي 389 تي آهي: نجاستِ غليظ جو حڪم هي آهي ته جيڪڏهن ڪپڙن يا بدن تي هڪ درهم کان وڌيڪ لڳي وڃي ته ان جو پاڪ ڪرڻ فرض آهي، بي پاڪ ڪري نماز پڙهي ورتي ته نه ٿيندي، ۽ قصداً پڙهي ته گناهه به ٿيندو ۽ جيڪڏهن اِستِخفاف جي نيت سان (يعني ان شريعت جي حڪم کي هلڪو سمجهي) آهي ته ڪفر ٿيو ۽ جيڪڏهن درهم جي برابر آهي ته پاڪ ڪرڻ واجب آهي ۽ بي پاڪ ڪئي نماز پڙهي ته مڪروه تحريمي ٿي يعني اهڙي نماز جو اعادو واجب ٿيو ۽ قصداً پڙهي ته گنهگار به ٿيو جيڪڏهن درهم کان گهٽ آهي ته پاڪ ڪرڻ سنّت آهي جو بنا پاڪ ڪرڻ جي نماز ٿي وئي پر سنت جي خلاف ٿي ۽ ان جو اعادو يعني ورائي پڙهڻ بهتر آهي) ﴿8﴾ مسجد، گهر، مڪتب ۽ مدرسي وغيره جون نڪون، چٽائيون، ڪارپيٽ ۽ پيون شيون رت لڳڻ کان بچائيندس (وضو خاني جي لاءِ آلي فرش يا پائيدان وغيره تي به رت وارن پيرن سميت وڃڻ کان بچندس ۽ وضو ڪندي خوب احتياط جي ضرورت آهي نه ته نجاست جي آلودگين ۽ ناپاڪ پاڻي جي ڇنڊن سان پاڻ سان گڏ ٻين کي به ناپاڪ ڪرڻ جو احتمال رهندو) ﴿9﴾ رت وارن بدبودار ڪپڙن سميت مسجد ۾ نه ويندس (بدبو نه به اچي تڏهن به ناپاڪ ڪپڙو يا اهڙي شيءِ مسجد ۾ کڻي وڃڻ منع آهي. زخم، ڦرڙين، ڪپڙن، عمامو، چادر بدن يا هٿ



www.dawateislami.net

وات وغيره مان بدبوء اچي تہ مسجد ۾ داخل ٿيڻ حرام آهي فيضان سنت جلد پهريون صفحي 1134 تي آهي: مسجد کي (بد) بوءِ کان بچائڻ واجب آهي تنهنڪري مسجد ۾ گاسليٽ ٻارڻ حرام، مسجد ۾ بدبودار بارود واري ماچيس جي تيلي ٻارڻ حرام، ايتري تائين جو حديث ۾ ارشاد آهي: مسجد ۾ ڪچو گوشت کڻي وڃڻ جائز ناهي. (ابن ماجه ج 1 ص 413 حديث 748 دار المعرفہ بيروت) حالانک ڪچي گوشت جي بوءِ تمام خَفِيف (يعني هلڪي) آهي. ﴿10﴾ قلم، رسيد بُڪ، پيڊ، گلاس، چانهہ جي پيالن وغيره پاڪ شين کي ناپاڪ رت نہ لڳڻ ڏيندس (فتاويٰ رضويہ جلد 4 صفحي 585 تي آهي: پاڪ شين کي (بنا شرعي اجازت جي) ناپاڪ ڪرڻ حرام آهي) ﴿11﴾ جيڪو بين ادارن کي کلون ڏيڻ جو واعدو ڪري چڪو آهي ان کي بد عهدي جو مشورو نہ ڏيندس (آسان طريقو هي آهي تہ سنين سنين نيتن سان گڏ اوهان سجو ئي سال متوجهہ رهو ۽ پاڻ پهريان وڃي کل بُڪ ڪرائي ونو) ﴿12﴾ جيڪو کل ڏيندو تہ تي سگهيو تہ ان کي مکتبة المدينہ جو کو رسالو يا پمفلٽ تحفي ۾ پيش ڪندس ﴿13﴾ ۽ ان کي شڪريہ، جَزَاکَ الله چوندس. ﴿14﴾ کل ڏيڻ واري تي انفرادي ڪوشش ڪري ان کي سنتن ڀريي اجتماع ۽ ﴿15﴾ مدني قافلن ۾ سفر وغيره جي رغبت ڏياريندس ﴿16﴾ بعد ۾ ان سان رابطو رکي ڪري کل ڏيڻ جي احسان جي بدلي ۾ ان کي مدني ماحول ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ ﴿17﴾ اهو مدني ماحول ۾ آهي تہ ان کي مدني قافلي جو مسافر يا ﴿18﴾



www.dawateislami.net

مدني انعامات جو عامل بڻائيندس ﴿19﴾ ڪا نه ڪا وڏيڪ مدني ترڪيب ڪندس (ذميدارن کي ڪيپي تہ بعد ۾ وقت ڪڍي ڪري ڪل ڏيڻ وارن جو شڪريو ادا ڪرڻ ضرور وجو ۽ انهن سيني احسان ڪرڻ وارن کي علائقي سطح تي يا جيئن مناسب هجي گڏ ڪري مختصر نيڪي جي دعوت ۽ لنگر رسائل وغيره جي ترڪيب بڻايو، رسالن جي دعوت اسلامي جي چندي مان نہ، بلڪ الڳ سان ترڪيب بڻايو) ﴿20﴾ ويجهو يا پري جتان ڪان بہ ڪل ڪئڻ (يا بستي جو ڪو بہ ڪم سنڀالڻ) جو ذميدار اسلامي ڀاءُ حڪم فرمائيندو تہ بنا انڪار جي اطاعت ڪندس. (هي نيتون تمام گهٽ آهن علم نيت رکڻ وارو وڏيڪ تمام گهڻيون نيتون ڪڍي سگهي ٿو.)

## مدني چينل جو تعارف

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ دعوتِ اسلامي نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ، ماڻهن کي غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪرڻ، گناهن ۽ گمراهين جي سيلاب کان بچائڻ جي لاءِ ڪم وبيش 103 شُعبن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي، انهن مان هڪ نهايت اَهم شُعبو مدني چينل به آهي. ✻ مَدَني چينل جي ذريعي خوفِ خدا ۽ عشقِ مُصطفي جي شمع روشن رکڻ جو پيغام گهر گهر پهچائڻ جو سفر جاري آهي.✻...مَدَني چينل بينَ الاَقوامي سَطح تي اِسلام جي پيغام کي ايتري موثر ۽ دل نَشين اَنداز ۾ دُنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچايو آهي جتي ان جي بغير رَسائي بيحد مُشڪل هئي.✻...مَدَني چينل اهو واحد 100 فيصداسلامي چينل آهي جنهن تي عورتن کي ناهي ڏيکاريو



www.dawateislami.net

ويندو، هن لحاظ کان ان کي هڪ آئيڊيل اِسْلامڪ چينل چئي سگهجي ٿو.*...مَدَني چينل بي حَيائي ۽ فَحاشي ۽ عُرياني جي فَضا ۾ بگڙيل مُعاشرتي قدرن جي اِصلاح جي لاءِ روشن آفتاب جو ڪردار اَدا ڪري رهيو آهي.*...مَدَني چينل تي عَقائد ۽ عبادات، اَخلاق، مُعاملات ۽ مُعاشرت بابت مسئلن کي نهايت اِحتياط ۽ ذِمّيداري سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. اوهان سا مدني اِلتجا آهي ته مدني چينل ڏسندا رهو اِنْ شَــآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هزارين سُنَّتون سکڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو جَذبو حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ فلمون، ڊراما، گانا باجا وغيره گُناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ ۽ عشقِ رسول ۾ مصروف رکڻ جو ذِهن به بڻجندو.

مدنی چینل کے سبب نیکی کی دعوت عام ہو
عام دُنیا بھر میں یارَبّ دِین کا پیغام ہو

صَـلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بَيان جو خُلاصَو

متا متا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ اسان قُرباني جي فضائل ۽ مَسائل جي باري ۾ بيان ٻڌو

* قُرباني سُنّتِ مُحمدي ۽ سُنّتِ ابراهيمي آهي * قُرباني ڪرڻ واري خوشنصيب کي جانور جي هر وار جي بدلي هڪ نيڪي ملڻ جي بشارت آهي، * قُرباني ثواب جي نيت سان ڪري ته اها قُرباني، جهنّم جي باهه کان رُڪاوٽ بڻجندي* قُرباني ڪرڻ واري جي لاءِ گناهن کان معافي جي بِشارت آهي* قُرباني جي گوشت جي ذريعي غريب رِشتيدارن، پاڙيوارن،



www.dawateislami.net

فقيرن ۽ مِسڪينن جي دِلجوئي ڪري عظيم ثواب ڪمائي سگهجي ٿو. ❋ قُرباني الله عَزَّوَجَلَّ کي خوش ڪندي آهي❋ قُرباني شيطان جي ناراضگي جو سبب آهي ❋ قرباني رحمتن جو سبب آهي ❋ قرباني سان بَلائون ٽرنديون آهن ❋ قرباني ڪرڻ واري کي دِين ۽ دُنيا جون ڀلائيون نصيب ٿينديون آهن.

جنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ قرباني جي اِستطاعت ڏني آهي، ان کي گهرجي ته اهو ضرور اِخلاص سان گڏ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ قُرباني ڪري ته جيئن الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جو مُستَحِق قرار پائي.

## اِجتماعي قُرباني

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي تحت سڄي پاڪستان ۾ سوين هنڌن تي "اِجتماعي قرباني" جو به باقاعده اِهتمام ٿيندو. اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ

اجتماعي قرباني ۾ حصو وٺڻ جي لاءِ پنهنجي شهر جي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ۾ دعوتِ اسلامي جي ذِميدارن سان رابطو ڪيو. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي دِين جي خاطر جاني، مالي ۽ وقت جي قرباني ڏيڻ جي به توفيق عطا فرمائي .اٰمِين بِجَاه النَّبِي الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار



www.dawateislami.net

رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سنّت کے مطابِق میں ہر اک کام کروں کاش
تُو پیکرِ سنّت مجھے اللہ! بنادے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## هٿ ملائڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادِري رَضَوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي رسالي 101 مدني گل مان ڪجھ هٿ ملائڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا: پهريان بہ (2) فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظہ فرمايو:* جڏهن بہ مسلمان ملاقات ڪندي مصافحو ڪندا (يعني هٿ ملائيندا) ۽ هڪٻئي کان خيريت معلوم ڪندا آهن تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي وچ ۾ سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي، جنهن مان نوي رحمتون زياده گرم جوشي سان ملڻ واري ۽ سٺي نموني سان پنهنجي ڀاءُ کان خيريت پڇڻ واري جي لاءِ هونديون آهن. (معجم اوسط،۵/۳۸۰، رقم: ۷۶۷۲) * جڏهن بہ دوست پاڻ ۾ ملندا آهن ۽ هٿ ملائيندا آهن ۽ نبي (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي درود پاڪ پڙهندا آهن تہ انهن ٻنهي جي جدا ٿيڻ کان پهريان پهريان ٻنهي جا اڳيان پويان گناھ بخشيا ويندا آهن. (شعب الايمان،۶/ ۴۷۱ ، حديث: ۸۹۴۴)

ٻن مسلمانن جو ملاقات جي وقت سلام ڪري ٻنهي هٿن سان مصافحو

[1] ...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵



www.dawateislami.net

يعني ٻئي هٿ ملائڻ سنّت آهي * موڪلائڻ وقت بہ سلام ڪريو ۽ هٿ بہ ملائي سگهو ٿا.* هٿ ملائڻ وقت درود شريف بہ پڙهو، ٿي سگهي تہ هي دعا بہ پڙهو: ”يَغۡفِرُ اللهُ لَنَا وَلَكُمۡ“ (يعني الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرماءِ) * ٻہ مسلمان هٿ ملائڻ جي دوران جيڪي دعائون گهرندا اِنۡشَآءَالله عَزَّوَجَلَّ قبول ٿينديون. هٿ جدا ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جي مغفرت ٿي ويندي. (مسند احمد،۴/۲۸۶، حديث: ۱۲۴۵۴) * ٻنهي طرفن کان هڪ هڪ هٿ ملائڻ سنّت ناهي، مصافحو ٻنهي هٿن سان ڪرڻ سنّت آهي. * ڪي ماڻهو صرف پاڻ ۾ آڱريون ملائيندا آهن، اهو بہ سنّت نہ آهي * هٿ ملائڻ کان پوءِ پنهنجو هٿ چُمڻ مڪروهہ آهي. (بهارِ شريعت، حصّہ ۳،۴۷۲/۱۶بتغير قليل) * جيڪڏهن اَمرَد (يعني خوبصورت ڇوڪري) سان هٿ ملائڻ ۾ شهوت ٿيندي هجي تہ ان سان هٿ ملائڻ جائز ناهي بلڪ جيڪڏهن ڏسڻ ۾ شهوت ٿئي تہ هاڻي ڏسڻ بہ گناهہ آهي. (دُرِّمُختار،۹۸/۲)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مكتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهارشريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتيں ۽ آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

علم حاصِل کرو، جهل زائل کرو — پاؤ گے راحتیں، قافلے میں چلو
سنتیں سیکھنے، تین دن کےلیے — ہر مہینے چلیں ، قافلے میں چلو

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَیِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[2]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[3]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

---

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[3]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(4)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(5)

---

4...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

5...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149



www.dawateislami.net

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[6]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[7]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[6] …القول البديع، الباب الاول، ص125

[7] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[8]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ،
سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[8] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net